# ڏيئو

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع ۾ ڄائو. هي نظم سنڌي زبان جي بلند پايہ شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز جو چيل آهي. سندس شعر جو مجموعو "ڪلياتِ عزيز" جي نالي سان ڇپيل آهي. هو سٺو مضمون نويس ۽ نقاد بہ هو. سندس مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" جي نالي سان ڇپيل آهي.

ڪکائن گهرن کي تون روشن ڪرين ٿو،
غريبن جي جُهونرن کي گلشن ڪرين ٿو،
لٽي سج عيان پنهنجو جوبن ڪرين ٿو،
سحر تائين هر جا نشيمن ڪرين ٿو!

مزورن ۽ ڪُڙمين سان همڪار آهين،
فقيرن جي مجلس جو سينگار آهين،
سڙي تون ٻين کي ڏئين ٿو سُهائي،
رکيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي!

پَــري کان مُنجهيل جــي ڪرين رهنمائِي،
ڏِيا، تــو ۾ آهي ســراســر سچائِي،
سچو دوســت دشمن تــي دلســوز آهين،
سچائيءَ ســان سڀ جــو شب افروز آهين!

مــدد ڏين ٿو ڪم ڪــار ۾ تون با محنت،
برڻ ســان تنهنجي ٿئي دفــع ظلمت،
نہ پنهنجي پرائي جــو ڏارين تــفــاوت،
رکين قلب ۾ ڪانہ ڪنهن ڏانهن ڪدورت.

سعــادت جو بيشڪ تــون آهين ستــارو،
ڏِيا، تون تــو لاهين جهان تان انــڌارو؛
هوا ســاڻ ســر لاٿ جو ٿو جُهڪائين،
ٿو نِوَڙت ڪندي پنهنجي جِيوت بچائين.

حياتــيءَ جــو مقصد سچو تــو ٻُڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو تــن مــن جلائين،
جَلِي جي ٻين کــي سُهائو ڏيــن ٿــا،
لَکين گهورَ تــن تــان پتنگا ٿين ٿــا!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- ڪڪائن گھرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟
2- ڏيئي ۾ ڪھڙي چڱائي رکيل آھي؟
3- ڏيئي وٽ نوڙت جي ڪھڙي نشاني آھي؟
4- شعر جي آخري بند مان ڪھڙي نصيحت ملي ٿي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڪڪائن – ڪڙمين – سُھائي – سراسر – لاٽ.

**(ج) اهڙا پنج لفظ ٻڌايو، جيڪي جاين جا نالا هجن.**

**(د) O هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:**

حياتيءَ جو مقصد ——— ٿو ٻڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو ——— جلائين.
——— ٻين کي سھائو ڏين ٿا،
——— تن تان پتنگا ٿين ٿا.

## ٻٽايون سُک جو کو سنسار

هيءُ گيت عبدالڪريم ”گدائي“ جو لکيل آهي. هو جنوري **1901**ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو هو. پوسٽ کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ صحافت سان لاڳاپيل رهيو. سٺو شاعر هو. نظم کان سواءِ نثر بہ لکيو اٿس، سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا ”پڪڙا ۽ پنهوار“، ”ساٽيهہ جا سور“ ۽ ”پيماني تي پيمانو“ ڇپيل آهن.

هڪٻئي ساڻ حقارت ڇاڄِي؟ انسانن سان نفرت ڇاڄِي؟
ڪِينو ساڙ ڪدورت ڇاڄِي؟ مذهب پنهنجو پيار،
ٻـٽـايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

ذاتيون، پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سڀ اَرڏايون،
آهن جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار،
ٻـٽـايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

جنگ جدل آهي چوڌارِي، انسانن جو رت آ جارِي،
ساڙي آهي دنيا ساري، نفرت جي پرچار،
ٻـٽـايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

رنگ نسل سڀ ڍونگ اجايا، پيٽ ٻڪئي جا سانگ ٻٽايا،
گوري ۾ ڇا، ڪاري ۾ ڇا، ساڳيو آهہ ستار،
ٻـٽـايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

## مشق

(الف) **هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

2- نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

(ب) **هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

حقارت – ڪينو – ساڙ – سنسار – ڪدورت – ارڏايون.

(ج) **هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي، جيئن: حقارت جو ڪدورت.**

**توهين هن نظم مان هم آواز لفظ ڳولي لکو.**

(د) **هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:**

○ جنگ جدل آهي چوڌاري، ____________ جو رت آ جاري،

ساڙي آهي ____________ ساري، نفرت جي پرچار.

ٻٽايون سُک جو ڪو سنسار.